Insaaniyat Jo Mohsin Aazam Sallallahu Alaihi wassalam
Khadim Hussain Bhanbhro

# انسانيت جو محسن اعظم ﷺ

## خادم حسين ڀنڀرو

سرور ڪائنات، پيشوائي انبياءِ، هادي برحق، رحمت للعالمين، فخر موجودات، محبوب خدا، حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن پوري انسانيت جا محسن اعظم هئا، سندن پيغام ۽ تعليمات هڪ جهڙا عالمگير آهن، ڪنهن خاص فرقه، ملڪ يا زماني لاءِ مخصوص ڪونه آهن.ٻين مذهبن ۽ پيغمبرن جي زندگيءَ ۾ ڪمن تي نظر وڌي وڃي ته هيءَ ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته ڪنهن به انسانيت جي فلاح ۽ بهبود ۽ ان جي علم و افتخار جي لاءِ ايترو پائيدار ۽ زبردست ڪم نه ڪيو آهي، جهڙي طرح رسول ڪريم ﷺ جن ڪيو. سندن احسان عظيم جي ڪري انسانيت ڪنڌ مٿي نٿي ڪڍي سگهي.
صرف نبي آخر زمان صلي الله عليه وسلم جي ذات وصفات اهڙي آهي جنهن جي متعلق دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته تمام دنيا بنا امتياز رنگ ۽ نسل، وطن ۽

تمدن سندن تعليمات جي ممنون آهي، نه ته ٻئي ڪنهن هاديءَ يا معلم جي تعليمات، خاص زماني ۽ علائقي ڪان وڌيڪ نه هيون ۽ اهي هڪ مخصوص طبقه لاءِ هيون، پوري دنيا لاءِ نه. رسول ڪريم ﷺ جن جو احسان عظيم هيءُ به هو ته پاڻ ﷺ جيڪو پيغام ڏنائون اهو پوري ڪائنات ۽ ٻنهي جهانن لاءِ ڏنو. سندن رحمت ۽ احسان جي بارش سڀني تي هڪجهڙي پيئي.

قرآن پاڪ ۾ آنحضرتﷺ جن کي ”رحمت للعالمين“ سان مخاطب فرمايو ويو آهي. پاڻ ﷺ دنيا جي لاءِ هڪ رحمت ۽ اڪرام بنائي موڪليا ويا هئا. انسانيت جيتري قدر به ان تي ناز ڪري گهٽ آهي.

حضور ڪريم ﷺ جن جي سيرت پاڪ جون خصوصيتون صرف هي ڪونه آهن ته پاڻ ﷺ سڄورن انسانيت جو درجو بلند ڪرڻ لاءِ بي غرض خدمتون ڪيون، حيرت انگيز ذاتي، جسماني ۽ مالي ايثار کان ڪم ورتو، انسانن جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ سڀ ڪجھ قربان ڪيائون ۽ پنهنجي سڄي زندگي انسانيت جي ڀلي لاءِ صرف ڪيائون. بلڪ پاڻ ﷺ هڪ اهڙو

ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي جنهن جو نظير دنيا پيش ڪرڻ کان قاصر آهي.
رسول خداﷺ جن جي تعليمات انهن جي زندگيءَ ۾ اهڙا حيرت انگيز نتيجا برآمد ڪيا جو ڪنهن به مذهب جي رهبر ۽ هاديءَ جي زندگي هڙي ڪاميابي ڏيکارڻ کان قاصر آهي. سڀ کان پهريائين حضور ﷺ جن عرب جي اصلاح ڪئي.
مثال موجب نيڪي گهر کان شروع ڪئي ويئي، ۽ دنيا اڄ حيرت سان ڏسي رهي آهي ته رسول الله ﷺ جن عربن جي حالت بدلائي ڇڏي ڪيئن نه انهن جي بدعادتن، بڇڙين رسمن ۽ بربريت کي فلاح ۽ نيڪيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ خدائي اطاعت جي صف ۾ آڻي بيهاريو. جيڪي هڪ ٻئي جي جان جا دشمن هئا اهي پاڻ ۾ سيهي جي ديوار وانگر صف بسته ٿي ويا، ۽ دنيا ڏٺو ته اهي ئي عرب دنيا تي ڪهڙي طرح ڇانئجي ويا ۽ اسلام جي حقانيت جو ڌاڪو دنيا جي جاهل ۽ سرڪش قومن کي مڃائي ڇڏيو. جاهليت ۽ ظلمت ۾ ٻڏل عربن علم و عمل ۽ ذهني بلندي ۽ فوقيت ۾ دنيا کان جيڪو خراج تحسين وصول ڪيو. اهو حضور ﷺ جن جي تعليمات جو

سڌو سنئون مظاهرو آهي. ڇا انسانيت انهن احسانن کان انڪاري ٿي سگهي ٿي، جيڪي اسلام مٿن ڪيا آهن؟ عربن جي تمدن ۽ سندن ڪاميابي مان اڄ تمام انسانيت فائدو حاصل ڪري رهي آهي. پر هي صاف ظاهر آهي ته هي سڀ ڪجھ انسانيت ۽ تمدن عالم جي بچائڻ واري رهبر اعظم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي تعليمات ۽ پيغامات جو نتيجو آهي.

حضور ڪريم ﷺ جن جي تعليمات ۽ ڪارنامن جو دائرو وسيع ٿي ويو ۽ جيڪو ڪم قوم عرب جي اصلاح لاءِ شروع ڪيو ويو هو، جو نهايت ڪامياب رهيو ۽ سڄي دنيا جي لاءِ عام ٿي ويو، جنهن ۾ عرب ۽ غير عرب، ڪاري، گوري، عالم، جاهل، امير، غريب، ڪمزور، طاقتور، مطلب ته ڪنهن به شيءِ جو امتياز نه رهيو. ڇا دنيا جي ڪنهن رهبر مذهب جي خدمات جو اهڙو شاندار امتيازي باب ڏيکاري سگهجي ٿو؟

رسول الله ﷺ جن جي مبارڪ زندگي هوندئن ته هڪ جهڙي رحمت ۽ برڪت آهي، مگر دنيا ۽ انسانيت تي جيڪي سڀ کان وڏا احسانات پاڻ سڳورن ﷺ ڪيا

آهن، انهن ۾ به ايتري قدر ممتاز ۽ قابل فخر آهن، انهن جو نظير نٿو ملي. اهي ٻئي امتيازي ڪارناما هي آهن:

(1) حضور جن دنيا جي تمدن کي بربادي کان بچائي ورتو نه ته تمدن جي نظام جو قطعي برباد ٿيڻ يقيني هو. رومن تهذيب جي زوال کان پوءِ يورپ ۽ اقوام عالم جنهن جهالت ۽ بربريت جي دور مان گذري رهيا هئا، ان جا حالات پڙهڻ سان ڏڪڻي اچيو ٿي وڃي. رسول الله ﷺ جن جو هيءُ احسان عظيم دنيا ڪڏهن به ڪو نه وساريندي جو پاڻ ﷺ اونداهيءَ ۽ ظلمت ۾ هدايت جي روشني ڏيکاريائون ۽ تمدن جي هڪ زبردست انهدام کي بچائي ورتائون.

(2) ٻيو احسان عظيم هي آهي جو حضور ﷺ جن انسانيت کي هڪ رشته ۾ ڳنڍي ڇڏيائون. اخوت، مساوات ۽ امن آشتي کي واحد اداره ۾ شامل ڪري دنيا کي ترقيءَ ۽ امن جي رستي تي آندائون. انهيءَ لحاظ کان به رسول خدا ﷺ جن انسانيت جا نجات ڏياريندڙ آهن ۽ امن عالم جا زبردست موسس قرار ڏنل آهن.

هيءَ واقعو آهي جو رسول الله جن جي جلوه افروز ٿيڻ کان اڳ دنيا تي جهالت ۽ بربريت جي ڪاري چادر

چڙهي پئي هئي. هندومت، زردشتي، رهب، عيسائيت يا يهوديت، مطلب ته ڪو به مذهب اهڙو نه هو جنهن جي تعليمات ۽ پيغامات کي ماڻهن پس پشت ڪري ان جي برعڪس راه اختيار نه ڪئي هجي. ڪنهن به قوم تي مذهب جو حقيقي اثر برقرار ڪونه رهيو هو، ۽ دنيا انهي اونداهي دور ۾ پٽڪي رهي هئي.

سڀني مذهبي پيشوائن ۽ ديني رهبرن جي تعليمات کي ماڻهن وساري ڇڏيو هو. عيسائيت، جيڪو سڄي دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ "گهڻ عمر" مذهب هو، برباد ۽ تلف ٿي چڪو هو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پاڪ تعليمات کي قطعي وساريو ويو هو. سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن عرب ۾ هدايت جي شمع روشن ڪئي ۽ عربن ان جي روشني دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏي. رشد و هدايت سان تمام دنيا کي جلوه گر بڻائي ڇڏيائون. جيڪي اهل بصيرت هئا سي صداقت جي رستي تي اچي ويا ۽ جيڪي بي بصر هئا سي اڄ تائين گراهيءَ ۾ پٽڪي رهيا آهن.

دنيا کي نجات ڏياريندڙ ۽ تمدن کي بچائڻ وارو جيڪڏهن ڪو انسان عظيم هو ته اهو عرب جو امي رهبر هو،

جنهن عالمگير اخوت ۽ امن عالم جو مضبوط ۽ مستحڪم بنياد وڌو، ڇو ته سندن بغير ڪو به تمدن استوار نٿي ڇورائي سگهيو. هيءُ هڪ واقعو آهي ڇو ته بنان ڪنهن اتحاد، عمل ۽ اعتقادات جي ڪو به تمدن نٿو بڻجي سگهي. جنهن قدر هيءُ دائره اتحاد و اخوت وسيع ٿيندو، اهڙي طرح تمدن به وسيع، همہ گير مستحڪم ٿيندو رهندو ۽ ان جو اثر پائيدار ۽ همه صفت ٿيندو.
اها حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات گرامي هئي جو سندن ذهن ۾ اتحاد عالم جو زبردست خيال پيدا ٿيو، نه ته هن کان اڳ ڪنهن به مبلغ پنهنجي وطن قبيلي قوم يا زمانه جي حدن کان ٻاهر قدم ڪونه رکيو هو، ۽ نه انهن جي تعليمات تي ماڻهن ڪو ڌيان ئي ڏنو. حبيب ڪبريا حضرت محمد ﷺ جن سڀ کان پهرين عالمگير انسانيت جو هڪ زبردست اداره قائم ڪيو، جنهن جو بنياد مساوات ۽ اخوت تي رکيائون ۽ انهيءَ خيال ۽ پروگرام کي انتهائي ڪاميابيءَ سان عملي جامه پهرائي ڏيکاريو. بني نوع انسان جي هن رهبر جو هيءُ ڪارنامو سڀ کان زياده اهم ۽ درخشان آهي. خود الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ پنهنجي لاءِ ”رب العالمين“ جا لفظ

استعمال ڪيا آهن، ”رب بني اسرائيل“ يا ”رب الناصرين“ ڪونه لکيو آهي. هن مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته خدائي پيغام سڀني انسانن لاءِ عام آهي، ڪنهن خاص فرقي يا زماني تائين محدود ڪونه ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سچ ۽ حق جي پيغام کي دنيا ۾ پهچائڻ وارو هادي ۽ رهبر محبوب خدا ﷺ جن به پوري ڪائنات جي لاءِ رحمت بڻجي آيا ۽ سندن پيغام حريت و اخوت به تمام انسانيت جي لاءِ آهي. حضور ڪريم ﷺ جن جي تعليمات سڀني انسانن کي هڪ رشته ۾ منسلڪ ڪري هڪ عالمگير برادري قائم ڪري ڇڏي، جنهن تي اسان کي ناز آهي پر ان سان گڏ سندن ڏيکاريل رستي تي پوري طرح عمل ڪرڻ جي پڻ سخت ضرورت آهي.

۽ سڀيئي (گڏجي) الله (جي دين) جي رسي کي پڪڙي رکو ۽ هڪ ٻئي کان الگ نه ٿجو ۽ الله جو اهو احسان ياد ڪريو جڏهن اوهان (هڪ ٻئي جا) دشمن هئا ۽ پوءِ الله اوهان جي دلين ۾ محبت پيدا ڪئي ۽ اوهان ان جي فضل سان ڀائر بڻجي ويا.
(القرآن).